# سنڌ آرڊيننس نمبر XX مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XX OF 2002
## سنڌ لينڊ ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2002
## THE SINDH LAND TAX AND AGRICULTURAL INCOME TAX (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي پهرين شيڊول جي ترميم
Amendment of First Schedule to Sindh Ordinance No.XII of 2000

# سنڌ آرڊيننس نمبر XX مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XX OF 2002
# سنڌ لينڊ ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH LAND TAX AND AGRICULTURAL INCOME TAX (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[22 جون 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لينڊ ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس آرڊيننس، 2000 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ لينڊ ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس آرڊيننس، 2000 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر

خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

**مختصر عنوان ۽ شروعات**
**Short title and commencement**

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لينڊ ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ ربيع 2002 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

**سنڌ جي 2000 آرڊيننس نمبر XII جي پهرين شيڊول جي ترميم**
**Amendment of First Schedule to Sindh Ordinance No.XII of 2000**

2. سنڌ لينڊ ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس آرڊيننس، 2000 جي پهرين شيڊول ۾ "شق (iii)" لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(iii) پڪل باغ

ڪيلا ۽ پان جا پتا:

| | |
|---|---|
| (a) آبپاشي تي | 500 رپيا ساليانو في ايڪڙ |
| (b) آبپاشي کانسواءِ | 250 رپيا ساليانو في ايڪڙ |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**